SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVI مجريہ 1979

# SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 1979

# سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1979

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 37_A جي ترميم

Amendment of section 37_A of Sindh Ordinance XII of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVI مجريہ 1979

# SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 1979

## سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1979

## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

[10 سيپٽمبر 1979]

هڪ آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1979 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 37_A جي ترميم

Amendment of section 37_A of Sindh Ordinance XII of 1979

2. سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 جي دفعه 37_A ۾ ذيلي دفعه (2) کانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:

“(3) چونڊ اختياري ڊسٽرڪٽ جج يا ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج جي رتبي جي ڪنهن جڊيشل آفيسر کي ذيلي دفعه (2) تحت ڪا جاچ ڪرائڻ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿي ۽ جيڪو اهڙا حڪم جاري ڪري سگهي ٿو جيئن مناسب سمجهي.”.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**